رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه

# فيضانِ امام شافعيءَ جون اعليٰ خوبيون

03-March-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

3 مارچ، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون اعليٰ خوبيون

هن بيان ۾ اوهان چاڻي سگهندؤ

- ... هر صَدِي جي ابتدا ۾ مُجَدِّد موڪليو ويندو آهي
- ... امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ شوقِ تلاوت
- ... حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي هڪ مبارڪ دُعا
- ... ٻين جي لاءِ دُعا گُهرڻ جو ثواب
- ... امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صحابي سڳورن رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِم سان محبت

پيشڪش

**مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)

**ترجمو:**

**ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ** (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

حضرت عبدالله بن حڪم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون ڪي خواب ۾ امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زيارت ٿي، مون کين کان پڇيو: الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو مُعَاملو فرمايو؟ امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: الله ڪريم مون تي رحم فرمايو، مون کي بخشي ڇڏيو ۽ منهنجي لاءِ جنّت هيئن سجائي وئي جيئن ڪنوار کي سجايو ويندو آهي ۽ مون تي نعمتن جي ايئن ورڪا ڪئي وئي جيئن گهوٽ تي ورڪا ڪئي ويندي آهي. مون پڇا ڪئي: سائين! هي انعام ڪهڙي سبب ٿيو؟ امام شافعي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمايو: مون پنهنجي ڪتاب: اَلرِّسَالَة ۾ هڪ درودِ پاڪ لکيو آهي:

صَلَّي اللّٰهُ عَلٰي مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا ذَكَرَهُ الذَّاكِرُوْنَ وَعَدَدَ مَا غَفَلَ عَنْ ذِكْرِهِ الْغَافِلُوْنَ

انهيءَ درودِ پاڪ جي برڪت سان الله پاڪ مون تي انعام فرمايو.[1]

جو نبی کا غُلام ہوتا ہے    قابِلِ احترام ہوتا ہے

جو درود و سلام پڑھتے ہیں    اُن پہ ربّ کا سلام ہوتا ہے[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...سعادة الدارين، الباب الرابع، اللطيفة الحادية والعشرون، صفحہ:134۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:441۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي.[1]
**پيارا اسلامي ڀائرو!** سني نيت ماٺھو ڪي جنّت ۾ پهچائيندي آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪري ونو! مثلاً نيت ڪريو: ❖ رِضَاءِ اِلٰهي جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❖ عِلمِ دين سکندس ❖ پورو بيان ٻُڌندس ❖ ادب سان ويھندس ❖ نصيحت حاصِل ڪندس ❖ اَحمَدِ مُجتبيٰ، مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ نالو ٻڌي درودِ پاڪ پڙھندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ڪروڙين شافعين جا امام، نهايت متقي، پرهيز گار، عبادت گذار، عالِمِ باعَمَل، عاشِق رسول، مُحِبِّ صحابہ ۽ مُحِبِّ اَهلِ بيت، امام محمد بن ادريس شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻئي سَنِ هجري جا وڏي رُتبي وارا بزرگ آهن، اَڄُ اسان امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون ڪجھ فضيلتون ۽ ڪجھ اعليٰ وصفون ٻڌڻ جي سَعَادت حاصِل ڪنداسين. الله پاڪ اسان کي نيڪ ٻانهن جي سيرت مان روشني وٺڻ ۽ انهن جي فيضان سان پنهنجي زِندگي کي نُوراني بنائڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

## هر صَدِي جي ابتداء ۾ مُجَدِّد موڪليو ويندو آهي

سُنَنِ اَبُو داؤد جي حديثِ پاڪ آهي: اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: إِنَّ اللهَ يَبْعَثُ لِهٰذِهِ الْأُمَّةِ عَلَى رَأْسِ كُلِّ مِائَةِ سَنَةٍ مَنْ يُجَدِّدُ لَهَا دِينَهَا يعني: بيشڪ الله پاڪ هن اُمّت ۾ هر صدي جي شروعات ۾ هڪ اهڙي شخص کي موڪليندو رهندو جيڪو دِين جي تجديد ڪندو.[2]
اڳوٽين اُمّتن ۾ اهو انداز هو تہ هڪ نبي عَلَيْهِ السَّلَام دُنيا مان تشريف وٺي

---

1... بخاري، كتاب:بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔
2...ابوداؤد، كتاب الملاحم، باب ما يذكر في قرن، صفحہ:674، حديث:4291۔

ويندو هو تہ الله پاڪ ٻئي نبي عَلَيْهِ السَّلَام کي موڪليندو هو، جيڪو دين جي تبليغ ڪندو هو، دين جي اَصل ۽ حقيقي تعليمات ماڻهن کي سيکاريندو هو. هاڻي جيئن تہ نبوت جو دروازو بند ٿي چڪو آهي، اسان جا پيارا نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جا آخري نبي بڻجي تشريف ڪٽي اچي چڪا، لھٰذا هاڻي قيامت تائين ڪو نئون نبي نٿو اچي سگھي، تنھنڪري هن اُمّت ۾ دين جي تجديد جو هي طريقو آهي تہ هر صدي جي شروعات ۾ الله پاڪ هڪ مُجَدّد کي پيدا فرمائيندو آهي، جيڪو دين جي تجديد ڪندو آهي. ماڻهو دِين ۾ جيڪي بُرا عقيدا شامِل ڪندا آهن، بُرن نظرين کي دِين جي تعليمات ٻڌائي پيش ڪندا آهن، قرآنِ ڪريم جي مفھوم کي بدلڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪندا آهن، بُريون رَسمون، بُرا رواج دِيني تعليم جي طَور تي رواج بڻجڻ لڳندا آهن، پوءِ الله پاڪ مُجَدّد کي موڪليندو آهي جيڪو انهن بُرن عقيدن، بُرن نظرين ۽ بُري رسمن جي نشاندهي ڪري دِين جي اصل ۽ حقيقي تعليم کي نئين سِري کان واضِح ڪندو آهي.

## امام شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بہ مُجَدِّد آهن

هينئر تائين دنيا ۾ ڪيئي مُجَدّد گذري چڪا آهن، الحمد لله! امام محمد بن ادريس شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بہ مُجَدّد آهن. امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پهرين صَدي هجري جا مُجَدّد حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هئا ۽ ٻئي صدي هجري جا مُجَدّد امام شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه آهن.[1]

## امام شَافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو مختصر تعارف

امام شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو مڪمل نالو: محمد بن ادريس آهي، پاڻ 150 هجري ۾ پيدا ٿيا، عالم سڳورا فرمائن ٿا: جنهن ڏينهن امامِ اعظم ابو حنيفہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه دُنيا مان رُخصت ٿيا، انهيءَ ڏينهن امام شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي وِلادت ٿي. امام شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڊگهي قد وارا، سني اخلاق وارا، ماڻهن جا پسنديده، ماڻهن تي گهڻو احسان ڪرڻ وارا، سُنّتن جا عامل، وڏي سني سيرت رکندڙ هئا.

---

[1]...مناقبِ امام شافعی للبیہقی، جلد:1، صفحہ:55۔

امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه يمن ۾ پيدا ٿيا، ٻن سالن جي عمر مبارڪ هئي تہ والِدِ محترم وفات ڪري ويا، سندن امڙ سائڻ سندن کي وٺي مڪہ مڪرمہ تشريف کڻي آيون، امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مڪہ مڪرمہ ئي ۾ پرورش پاتي،[1] اتي رهي عِلمِ دين سکيائون، الله پاڪ امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي لاءِ عِلم جو دروازکولي ڇڏيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه گھڻا محنتي ۽ عِلمِ دين جو گھڻو شوق رکڻ وارا هئا. امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عمر مبارڪ اڃا 15 سال هئي تہ مڪہ مڪرمہ جي مفتي اَعْظم حضرت مسلم بن خالِد زَنجي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کين فتويٰ لکڻ جي اجازت عطا فرمائي.[2]

## امام شافعي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه مُطلبي آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي فضيلتن مان هڪ اَهم فضيلت هي آهي تہ امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پياري آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا هم نَسَب آهن. اسان جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ابن ڏاڏن جي فهرست ۾ هڪ ڏاڏو حضرت عبدِ مناف رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آهي. امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ حضرت عبدِ مناف رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي اَولاد مان آهن.

قريش قبيلي جون 4 شاخون آهن: 1: بنوهاشِم 2: بنومُطَّلِب 3: بنو نوفل 4: ۽ بنو عبدِ شمس. اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ بنو هاشِم قبيلي مان آهن، ان ڪري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي رسولِ هاشِمي چيو ويندو آهي ۽ امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بنو مُطَّلِب قبيلي مان آهن، تنهنڪري امام شافعي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه کي مُطَّلِبِي چيو وڃي ٿو.[3]

## امام شافعي جون ٽي فضيلتون

امام فخر الدين رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مُطَّلِبِي آهن، هن

---

[1]… مناقبِ امام شافعی للرازی، صفحہ:34و35۔

[2]…کتاب الثقات لابن حبان، باب المیم، جلد:5، صفحہ:406، رقم:2997۔

[3]… مناقبِ امام شافعی للرازی، صفحہ:30و31 ملتقطاً۔

اعتبار سان پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه کي ڪيئي فضيلتون حاصِل آهن:

1: بنو مُطَّلِب هميشہ دِينِ اسلام جا مدد گار رهيا، انهن هر موقعي تي پياري آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان وفاداري ڏيکاري، ان ڪري رحمت عالميان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اِنَّمَا بَنُوْ هَاشِم وَ بَنُوْ الْمُطَّلِبْ شَيْءٌ وَاحِد بيشڪ بنوهاشِم ۽ بنو مُطَّلِب هڪ ئي آهن. امام رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيئن امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا ابا ڏاڏا دين جا خدمت گار هئا، اهڙي طرح امام شافعي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه بہ دينِ اسلام جي خوب خدمت فرمائي.[1]

2: امام رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چوتہ پياري آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا هم نَسَب آهن، اُن اعتبار سان امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پڻ "آلِ رسول" ۾ شامِل آهن. اسان جڏهن نماز ۾ پڙهون ٿا: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّد وَ عَلٰى آلِ مُحَمَّد (اي الله پاڪ! محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ۽ سندن آلِ تي رحمتون نازِل فرماءِ) تہ اسان جي هن دُعا ۾ امام شافعي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه بہ شامِل آهن.[2]

3: حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّ كُلَّ سَبَبٍ وَ نَسَبٍ يَنْقَطِعُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ اِلَّا مَا كَانَ مِنْ نَسَبِيْ وَ سَبَبِيْ[3] قيامت جي ڏينهن هر نسبي ۽ سهراڻو وارو رشتو ٽٽي ويندو پر اهي جيڪي منهنجي نسب ۽ سهراڻي رشتي مان آهن (اُنهن جو تعلق نہ ٽٽندو).

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڪيتري زبردست فضيلت آهي. قيامت جي ڏينهن جڏهن نفسي نفسي جو عالَم هوندو، ماءُ پٽ کان پري ڀڄندي، پيءُ سڪيلڌي پٽ کان دامن ڇڏائي پري ٿيندو، ڀاءُ ڀاءُ کان پري ڀڄندو، دوست احباب سڀئي پنهنجي پنهنجي فِڪر ۾ هوندا، ان وقت ڪا نسبت، ڪو رشتو، ڪو تعلق ڪم نہ ايندو پر قربان وڃون! اسان جي آقا و موليٰ، محمد مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو نسب مبارڪ ان وقت بہ قائِم هوندو، هي مبارڪ نسب قيامت جي وَحْشَت ۾ ڪم ايندو.

---

[1] … مناقبِ امام شافعی للرازی، صفحہ:30۔

[2] … مناقبِ امام شافعی للرازی، صفحہ:33۔

[3] …الشریعۃ للآجری، جلد:5، صفحہ:2231، حدیث:1713۔

امام شافعي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه جيئن تہ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا هم نَسَب آهن، تنهنڪري قيامت جي ڏينهن امام شافعي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه بہ دامَنِ مُصطفيٰ سان وابستہ هوندا، اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! امام شافعي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه جو نسب مبارڪ بہ ان وقت قائِم هوندو ۽ قيامت جي هولناڪين ۾ ڪم ايندو.

## امام شافعي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه عالِمِ قريش آهن

اي عاشقانِ رسول! قُرَشِي (يعني قريش قبيلي کان نسبي تعلق) هئڻ جي ناطي امام شافعي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه کي ٻيون ڪوڙ فضيلتون حاصِل آهن، هن سان گڏوگڏ امام شافعي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه جي هڪ فضيلت هي بہ آهي تہ پاڻ قريش جا عالم آهن. سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حديثِ پاڪ آهي: لَاتَسُبُّوۡا قُرَيۡشًا يعني قريش کي بُرو نہ چئو! فَاِنَّ عَالِمَهَا يَمۡلَاُ الۡاَرۡضَ عِلۡمًا بيشڪ انهن مان هڪ عالِم زمين کي عِلم سان ڀري ڇڏيندو.[1]

هن حديثِ پاڪ ۾ قريش قبيلي جي جنهن عالِمِ دِين جو تذڪرو ڪيو ويو آهي، هن مان مراد امام شافعي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه آهن. ڪروڙين حنبلين جا پيشوا، امام احمد بن حنبل رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون کان جڏهن بہ ڪو ديني مسئلو پڇيو ويندو آهي، مان سڀ کان پهريان ان مسئلي کي قرآن ۽ حديث مان ڳولها ڪندو آهيان، جيڪڏهن مون کي اُن مسئلي جو جواب قرآن ۽ حديث ۾ نہ ملي، تہ امام شافعي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه جي فرمانن مان ان جو جواب ڳولهيندو آهيان، ڇوتہ امام شافعي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه ئي اهي قريش جا عالم آهن، جن زمين کي عِلم سان ڀري ڇڏيو آهي.[2]

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وِجوا! الله توهان کي برڪت ڏي...!

امام شافعي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان سُتل هيس تہ قسمت جاڳي پئي، ٻنهي جهانن جا سردار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ نوراني چهرو

[1] ...مسند ابو داؤد طيالسى، جلد:1، صفحہ:245، حديث:307۔

[2] ... مناقبِ امام شافعی للبیہقی، جلد:1، صفحہ:54۔

چمڪائيندي منهنجي خواب ۾ آيا، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مون کي فرمايو: يَاغُلَامُ! مِمَّنْ اَنْتَ؟ پٽ! توهان ڪهڙي قوم مان آهيو؟ عرض ڪيم: مِنْ رَهْطِكَ يَا رَسُوْلَ الله! يعني يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مان اوهان جي غُلامن مان آهيان. هن تي رسولِ بي مثال، بيبي آمنه جي لال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مون تي شفقت ۽ مهرباني ڪندي فرمايائون: ويجهو اچ! مان ويجهو ٿي ويس، جانِ جهان، سلطانِ ڪون و مڪان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجو لعاب مبارڪ (يعني وات جو پاڻي) منهنجي وات ۾ وڌو ۽ فرمايائون: اِمْضِ بَارَكَ اللهُ فِيْكَ وڃو! الله توهان کي برڪت ڏي.[1]

## مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْه منڊي عطا ڪئي

امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ٻيو ايمان افروز خواب بيان ڪندي فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون خواب ۾ ڏٺو ته مان مَطَاف (يعني مسجدِ حرام ۾ طواف واري هنڌ) ويٺل آهيان، اوچتو هڪ پاسي کان مسلمانن جو چوٿون خليفو امير المؤمنين مولا علي شير خدا رَضِيَ اللهُ عَنْه تشريف فرما ٿيو، مان سندن استقبال جي لاءِ جلدي مان اُٿيس ۽ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه جي سيني سان لڳي ويس، پوءِ مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْه مون کان هٿ ملايو ۽ پنهنجي مبارڪ منڊي لاهي مون کي پارائي ڇڏي.

هي ايمان افروز خواب ڏسڻ کان بعد اڳئين ڏينهن مان خوابن جي تعبير ٻڌائڻ واري وٽ ويس، ان کي پنهنجو خواب ٻڌائي تعبير پڇيم، ته ان چيو: اوهان کي مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْه جي سيني سان لڳڻ جي سَعَادت نصيب ٿي، هي جهنّم کان آزادي جي نشاني آهي، مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْه اوهان سان هٿ ملايو، هي قيامت جي ڏينهن اَمان ملڻ جي بشارت آهي ۽ حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْه اوهان کي پنهنجي منڊي پارائي، هي هن طرف اشارو آهي ته جهڙي طرح مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْه جو مبارڪ نالو مشهور آهي، ايئن ئي اوهان جي نالي کي به شهرت نصيب ٿيندي.[2]

علّامه بيهقي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو اِهو خواب واقعي سچو

[1] ... مناقبِ امام شافعی للرازی، صفحہ:36۔

[2] ... مناقبِ امام شافعی للرازی، صفحہ:36۔

ثابت ٿيو: اُن جي ٿوري ئي عرصي کان بعد امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شهرت ٿيڻ لڳي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪافي دِيني ڪتاب پڻ لکيا، جن جي ذريعي سندن نالو ڏورانهين علائقن تائين مشهور ٿي ويو.[1]

## مندي پائڻ جا احڪام

اي عاشقانِ رسول! مسلمانن جا چوٿان خليفا حضرت مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْه خواب ۾ تشريف آڻي امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي مندي عطا فرمائي. مندي پائڻ ڪجھ صورتن ۾ سنت آهي پر اڄڪلھ مندي پائڻ جي متعلق وڏي بي احتياطي ڪئي وڃي ٿي. ڪجھ نوجوان ڇلا پائيندا آهن، ڪو ٻہ منديون پائيندو آهي، ڪن تہ سڄو هٿ ئي مندين سان پري ڇڏيو هوندو آهي ۽ ڪجھ نادان سون جي مندي بہ پائيندا آهن. ياد رکو! مرد صرف چاندي جي 4 ماشا(يعني 4 گرام، 174 ملي گرام) کان گهٽ جي، هڪ نگيني واري فقط هڪ ئي مندي پائي سگهي ٿو. مرد کي سون جي مندي پائڻ حرام آهي. لوھ جي مندي جهنمين جو زيور آهي. هڪ کان وڌيڪ نگيني واري مندي، جيتوڻيڪ اها چاندي ئي جي هجي، مرد جي لاءِ ناجائز آهي. بنا نگيني واري مندي پائڻ بہ ناجائز آهي جو هي مندي نہ بلڪ ڇلو آهي.(550 سنتیں اور آداب، صفحہ:57-58ملتقطاً )

## امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون اعليٰ خوبيون

اي عاشقانِ رسول! امام محمد بن ادريس شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عِلم ۾ تہ وڏو رُتبو رکن ئي ٿا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عَمَل ۾ بہ وڏي بُلند شان وارا آهن، اچو! امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون ڪجھ اعليٰ وصفون ٻڌون ٿا:

### امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ شوقِ تلاوت

حُجَّةُ الاِسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رات کي 3 حِصّن ۾ ورهائي رکيو هو: هڪ حِصو عِلمِ دين جي لاءِ، هڪ

[1]…مناقبِ امام شافعی للبیہقی، جلد:1، صفحہ:148۔

حِصّو نماز جي لاءِ ۽ هڪ حِصو آرام جي لاءِ.[1]

حضرت رَبِيع رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بيان آهي: امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روزانو هڪ قرآنِ ڪريم ختم ڪندا هئا.[2] رمضان المبارڪ ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو شوقِ تِلاوت ويتر وڌي ويندو هو، پاڻ رمضان المبارڪ ۾ نفل دوران 60 قرآنِ ڪريم ختم ڪندا هئا.[3]

سُبْحٰنَ اللهِ! **پيارا اسلامي ڀائرو!** تورو اندازو لڳايو! امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪا معمولي شخصيت نہ آهن، پاڻ باقاعِده مفتي ۽ مجتهد هئا، ماڻهو ڪائنس فتوائون پڇندا هئا، پاڻ ماڻهن کي جواب عِنَايت ڪندا هئا، تمام وڏا عالِمِ دين هئا، پري پري کان ماڻهو سندن خدمت ۾ حاضِر ٿي عِلم جي اُڃ اُجهائيندا هئا، ايتري مصروفيت هئڻ جي باوُجُود پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تِلاوتِ قرآنِ ڪريم جي لاءِ وقت ڪڍي وٺندا هئا.

هاڻي اسان تورو غور ڪيون! ڇا اسان بہ تِلاوت جي لاءِ وقت ڪڍون ٿا؟ اسان مان هر هڪ دِل ئي دِل ۾ غور ڪري، قرآنِ ڪريم اسان جي پياري الله پاڪ جو ڪلام آهي، اهو ئي رَبّ ڪريم جيڪو اسان کي رِزق عطا فرمائي ٿو، جيڪو اسان کي پالي ٿو، اسانِ کي هزارين نعمتون عطا فرمائي ٿو، ڇا اسان پنهنجي انهيءَ رَبّ ڪريم جو پاڪيزه ڪلام پڙهون ٿا؟ ڪيترا ڏينهن ٿي ويا تِلاوت ڪندي؟ اسان سيني جي گهرن ۾ يقيناً قرآنِ ڪريم موجود هوندو، ان پاڪيزه بابرڪت ڪتاب کي اسان ڪيترن ڏينهن کان بعد الماڙي مان ڪڍون ٿا؟ **پيارا اسلامي ڀائرو!** هي ڳڻتي جوڳي ڳالهہ آهي، وڏي افسوس سان چوڻو پئي ٿو تہ اسان کي موبائِل فون جي لاءِ وقت مِلي ويندو آهي، سوشل ميڊيا جي لاءِ وقت مِلي ويندو آهي، دُنيوي مال و دولت ڪمائڻ جي لاءِ اسان وٽ وقت ئي وقت آهي، سيروتفريح جي لاءِ اسان منٽن ۾ تيار ٿي ويندا آهيون پر افسوس! اسان

---

1...احياء علوم الدين، ڪتاب العلم ، جلد:1، صفحه:40۔

2...تاريخ بغداد، محمد بن ادريس شافعی، جلد:2، صفحه:61۔

3...احياء علوم الدين، ڪتاب العلم ، جلد:1، صفحه:40۔

کي پنهنجي رَبّ ڪريم جو پاڪيزه ڪلام پڙهڻ جي لاءِ ڪيئي ڪيئي ڏينهن، ڪيئي ڪيئي هفتا بلڪ ڪيئي ڪيئي مهينا بہ وقت ناهي ملندو بلڪ وقت ملڻ جو تہ ڪهڙو شڪوه ڪريون، اسان کي تہ ياد بہ نٿو اچي تہ اسان کي تِلاوت بہ ڪرڻي آهي، اسان پنهنجي هدف ۾ تِلاوت کي شامِل ئي ناهي ڪيو هوندو. ڪاش اسان قرآن جي تلاوت جا شوقين بڻجي وڃون!

وہ معزّز تھے زمانے میں مسلماں ہو کر | اور تم خوار ہوئے تارکِ قرآں ہو کر

## قرآن پاڪ جي تلاوت جا فضائل

❁تلاوتِ قرآن هن امت جي افضل ترين عبادت آهي. ❁ قرآنِ پاڪ جو هڪ حرف پڙهڻ تي 10 نيڪين جو ثواب ملندو آهي. ❁ جنهن گهر ۾ قرآن پڙهيو ويندو آهي اهو گهر پنهنجي رهڻ وارن تي ڪشاده ٿيندو آهي. ❁ ان گهر ۾ ڀلائي گهڻائي سان ٿيندي آهي. ❁ اُن گهر ۾ ملائڪ ايندا آهن. ❁ ان گهر مان شيطان نڪري ويندا آهن. (احياء العلوم ، جلد:1، صفحہ:826) ❁ تلاوتِ قرآن ڪرڻ وارن کي الله پاڪ شڪر گذارن جي ثواب کان افضل عطا فرمائيندو.(مسلم ، ڪتاب فضائل القرآن، صفحہ:402، حديث:804) ❁ اهلِ قرآن(يعني ان جي تلاوت ڪرڻ وارا ۽ ان جي احڪامن تي عمل ڪرڻ وارا) الله وارا ۽ اُن جا خاص ماڻهو آهن. (ڪنز العمال ، جلد:1، صفحہ:273، حديث:2437ماخوذاً) ❁ جيڪي نماز ۾ بيهي قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪري ان جي لاءِ هر حرف جي بدلي 100 نيڪيون آهن. ❁ جيڪو ويهي تلاوت ڪري اُن جي لاءِ هر حرف جي بدلي 50 نيڪيون آهن. ❁ جيڪو نماز کان علاوه باوضو تلاوت ڪري اُن جي لاءِ 25 نيڪيون آهن. (ابن ماجہ ، صفحہ:48، حديث:) ❁ تلاوتِ قرآن دلين جي صفائي جو ذريعو آهي.

الله پاڪ اسان کي بہ تِلاوتِ قرآن جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

تلاوت کی توفیق دیدے اِلٰہی! | گناہوں کی ہو دُور دِل سے سیاہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!     صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## تمام مسلمانن جي لاءِ دُعا ڪندا هئا

حضرت حَسَن ڪرابِيسِي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مون ڪي ڪيئي ڀيرا امام شافعي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ سان گڏ رهڻ جي سَعَادت ملي. پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هڪ ٽهائي رات نماز پڙهندا هئا، معمول مبارڪ هي هو جو ڪڏهن نماز ۾ 50 آيتن جي تلاوت ڪندا هئا ۽ ڪڏهن 100 آيتون تِلاوت ڪندا هئا. تِلاوت جو انداز هي هوندو هو جو جڏهن رحمت واري آيت تي پهچندا هئا تہ **الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ پنهنجي لاءِ ۽ تمام مسلمانن جي لاءِ رحمت جي دُعا گهرندا هئا ۽ جڏهن عذاب واري آيت پڙهندا ها تہ ان کان پناهہ گهرندا هئا ۽ پنهنجي لاءِ ۽ تمام مسلمانن جي لاءِ نجات جي دُعا گهرندا هئا.**(1)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هتي هي شرعي مسئلو ياد رکو تہ نفل نماز اڪيلو پڙهي رهيا هجون تہ رحمت واري آيت تي رحمت ملڻ جي ۽ عذاب وارن آيتن تي عذاب کان بچڻ جي دعا ڪرڻ جائز آهي، فرض نمازن ۾ دورانِ تلاوت ايئن دعا ڪرڻ منع آهي.(بهار شريعت، حصّہ:3، جلد:1، صفحه:548)

## حضرت ابراهيم عَلَیۡہِ السَّلَام جي هڪ مبارڪ دُعا

سُبۡحٰنَ اللّٰہ! **پيارا اسلامي ڀائرو!** حضرت امام شافعي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي پاڪيزه سيرت جو هي ڪيترو پيارو پهلو آهي جو پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ صِرف پنهنجي لاءِ ئي نہ، بلڪ سمورن مسلمانن جي لاءِ دُعا ڪندا هئا. هي الله پاڪ جي خليل حضرت ابراهيم عَلَیۡہِ السَّلَام جو مبارڪ طريقو آهي، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ حضرت ابراهيم خليلُ الله عَلَیۡہِ السَّلَام جي هڪ دُعا هنن لفظن ۾ ذِڪر ڪئي آهي:

---

1...تاريخ بغداد، محمد بن ادريس شافعي، جلد:2، صفحه:61۔

رَبَّنَا اغْفِرْ لِيْ وَ لِوَالِدَيَّ وَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابُ۠ (۴۱)

(پاره13،سورة ابرهيم:41)

ترجموڪنزُالعرفان: اي اسان جا ربّ! مون کي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ کي ۽ سيني مسلمانن کي بخشي ڇڏ.

# دُعا ۾ ڪنجوسي نہ ڪيو...!

اي عاشقانِ رسول! دُعا بهترين عِبَادت بلڪ حديثِ پاڪ ۾ ارشاد ٿيو: اَلدُّعَاءَ مُخُّ الْعِبَادَةِ دُعا عِبَادت جو مغز آهي.[1] دُعا جو هڪ بهترين فائِدو هي بہ آهي تہ دُعا مُفت جي نيڪي آهي، هن تي ڪو پيسو خرچ ناهي ٿيندو، ڪا محنت ناهي لڳندي، بَس دِل جي تَوَجُّھ ۽ زبان جي حرڪت جي ضرورت آهي، دُعا تي ويندي آهي بلڪ زبان کي حرڪت نہ ڏيون، تڏهن بہ دِل ئي دِل ۾ دُعا ڪري سگهجي ٿي. پر ڏٺو ويندو آهي، اسان وٽ ماڻهو دُعا جي معاملي ۾ سستي سان ڪم وٺندا آهن، هاڻي اسان وٽ پنهنجي حق ۾ دُعا گهرڻ وارا بہ تمام گهٽ آهن، جيڪي نمازون پڙهن ٿا، ديني ذهن رکن ٿا، اهي ئي عام طور دُعا جي طرف تَوَجُّھ ڪن ٿا، نہ تہ ڪيئي ماڻهو آهن جيڪي مشڪلات جو شِڪار هجن، پريشاني ۾ مبتلا هجن، بيمار ٿي وڃن، قرضن ۾ ڦاسي پوَن تہ بيا اسباب اِختيار ڪندا آهن پر دُعا ناهن گهرندا، جڏهن تہ حديثِ پاڪ ۾ دُعا کي مؤمن جو هٿيار چيو ويو آهي.[2]

پوءِ جيڪي ماڻهو دُعا گهرندا آهن، انهن ۾ ڪوڙ سارا اهي آهن جيڪي پنهنجي لاءِ تہ دُعائون گهرندا آهن پر ٻين مسلمانن جي لاءِ دُعا ناهن گهرندا. اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي لاءِ بہ خُوب دُعائون گهرون ۽ ٻين جي لاءِ بہ ياد ڪري لازمي دُعا گهرون، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هن جون بيشُمار برڪتون نصيب ٿينديون.

---

1...ترمذی، کتاب الدعوات، صفحہ:777، حدیث:3371۔

2...مستدرک، کتاب الدعاء والتکبیر، جلد:2، صفحہ:162، حدیث:1855۔

| | |
|---|---|
| اُس کی جھولی مرادوں سے بھردے | اُس کے حق میں جو بہتر ہو کردے |
| جس نے مجھ سے دُعا کا کہا ہے | یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے |

## ٻين جي لاءِ دُعا گهرڻ جو ثواب

اعليٰ حضرت جا والِد مولانا نقي علي خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ دُعا جا آداب بيان ڪندي فرمائن ٿا: (ٻانهو جڏهن پنهنجي لاءِ دُعا گهري ته سڀني مسلمانن کي هن ۾ شريڪ ڪري (يعني سڀني مسلمان مردن ۽ عورتن جي لاءِ به دُعا ڪري).[1]

سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ هن ادب جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا (جنهن جو خُلاصو هي آهي): تمام مسلمانن جي لاءِ دُعا ڪرڻ ۾ حڪمت هي آهي ته دُعا گهرڻ وارو ٻانهو جيڪڏهن پاڻ هن قابِل نه ٿيو جو ان جي دُعا قبول ڪئي وڃي ته هي مسلمان ٻانهن جي طُفَيل ۾ پنهنجي مراد کي پهچي ويندو. تابعي بزرگ حضرت ثابِت بُناني رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ روايت فرمائن ٿا: اسان سان بيان ڪيو ويو ته جيڪو شخص مسلمان مردن ۽ عورتن جي لاءِ ڀلائي جي دُعا گهري ٿو، قيامت جو جڏهن انهن وٽان لنگهندو ته هڪ چوڻ وارو چوندو: هي اهو آهي جيڪو دُنيا ۾ توهان لاءِ دُعاءِ خير ڪندو هو، پوءِ اهي مسلمان ان جي شفاعت ڪندا ۽ ان کي جنّت ۾ وٺي ويندا.[2]

❖ هڪ شخص هيئن دُعا گهري رهيو هو: اَللّٰهُمَّ اغۡفِرۡلِي (اي اللہ پاڪ! منهنجي مغفرت فرماءِ). اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي اها دُعا ٻُڌي ته فرمايائون: جيڪڏهن عام ڪرين ها (يعني ٻين مسلمانن جي لاءِ به گهرين ها) ته تنهنجي دُعا قبول ٿئي ها[3] ❖ حديثِ پاڪ ۾ آهي، اسان جي پياري آقا، نُور واري مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو سڀني مسلمان مردن ۽

---

1 ... فضائل دُعا، صفحه:86.

2 ... فضائل دُعا، صفحه:86.

3 ... ردّ المحتار، كتاب الصلاة، باب صفة الصلاة، مطلب في الدعاء، جلد:2، صفحه:286.

عورتن جي لاءِ مغفرت جي دُعا ڪري، الله پاڪ ان جي لاءِ هر مسلمان مَرد ۽ عورت جي بدلي هڪ نيڪي لکندو.(1)

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول! خوش ٿي وڃو! ڪروڙين بلڪ اربين ڪربين نيڪيون ڪمائڻ جو آسان نسخو هٿ اچي ويو، يقيناً حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان وني هاڻي تائين اربين مسلمان دُنيا ۾ اچي چڪا آهن ۽ ڪروڙين هاڻي بہ دُنيا ۾ موجود آهن، جيڪڏهن اسان تَوَجُّه ڪيون ۽ تمام مسلمانن جي لاءِ مغفرت جي دُعا گهرون تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ جي رحمت سان اربين ڪربين نيڪين جا حق دارِ بڻجي وينداسين ۽ وقت ڪيترو لڳندو؟ ڪجھ سيڪنڊ. چاهيو تہ هر نماز کان بعد بلڪ سڄي ڏينهن ۾ وقت بوقت هيئن دُعا گهرندا رهو:

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِي وَلِكُلِّ مُؤْمِنٍ وَّ مُؤْمِنَةٍ

(يا الله پاڪ! منهنجي ۽ هر مسلمان مرد ۽ عورت جي مغفرت فرماءِ).

بهتر اهو آهي تہ هي دعا عربي ۾ ياد ڪري ونو ۽ وقت بہ وقت پڙهندا رهو، نہ تہ پنهنجي مادري زبان(مثلاً اردو، سنڌي، پنجابي، سرائيڪي وغيره) ۾ بہ ڪري سگهو ٿا تہ يا الله پاڪ! منهنجي ۽ هر مسلمان مرد ۽ عورت جي مغفرت فرماءِ. الله پاڪ اسان سيني کي پنهنجي لاءِ ۽ تمام مسلمانن جي لاءِ ڪثرت سان دُعائون گهرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزارِ پاڪ جي برڪت

اي عاشقانِ رسول! دُعا گهرڻ جي حوالي سان امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هڪ بيو تمام پيارو انداز آهي، اهو هي جو امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اَوْلياءِ ڪرام جي مزارات تي حاضِر ٿي دُعا گهرندا هئا. پاڻ ارشاد فرمائن ٿا: مون کي جڏهن ڪا

---

1...جامع صغير، صفحه:513، حديث:8419.

مشڪل پيش ايندي آهي، مان ہ رڪعت نماز ادا ڪندو آهيان ۽ امامِ اعظم امام اَبُو حنيفہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ جي مزارِ پاڪ تي حاضِر ٿي دُعا گھرندو آهيان تہ اللّٰہ پاڪ منھنجي مشڪل آسان فرمائي ڇڏيندو آهي.[1]

ہے دُھوم چاروں طرف سخا کی، بھری ہے جھولی ہر ایک گدا کی
عطا ہو مجھ کو بھی طیبہ کا غم، امامِ اعظم ابو حنیفہ

تمہارے دربار کا گدا ہوں، میں سائِلِ عشقِ مصطفےٰ ہوں
کرم پئے شاہِ غوثِ اعظم، امامِ اعظم ابو حنیفہ

دیارِ بغداد میں بُلا کر مزار اپنا دکھا جہاں پر
ہیں نور کی بارشیں چھما چھم، امامِ اعظم ابو حنیفہ (2)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوھان! ٻي صَدِي جي مُجَدِّد، قريش جي عالم حضرت امام شافعي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ جو بہ اھو ئي عقيدو ھو تہ اَوْلياءِ ڪرام جي مزارن تي حاضِر ٿيڻ سان مشڪلاتون پري ٿينديون آھن، مزارن تي حاضِر ٿيڻ سان دُعائون جلد قبول ٿينديون آھن.

اي عاشقانِ رسول! خيال رهي! قبر جي طرف رخ ڪري نماز پڙهڻ(جڏهن تہ درميان ۾ ڪا اوٽ مثلاً ديوار وغيره نہ هجي) مڪروه ۽ منع آهي. اولياءِ ڪرام جي مزارن تي حاضري نصيب ٿئي تہ ان جي مبارڪ قبر جي ساڄي يا ڪاٻي طرف قبلي ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ گهرجي، هن سان برڪتن ۾ اضافو ٿيندو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## امام شافعي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ تمام وڏا سخي هئا

---

[1]...فضائل دعا، صفحہ:136۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:573 و 574۔

اي عاشقانِ رسول! حضرت امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي پاڪيزه وصفن ۾ هڪ تمام پياري وَصف هي بہ آهي تہ امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه تمام وڏا سخي هئا، هزارين روپيا وڏي خوشي سان غريبن تي خرچ ڪري ڇڏيندا هئا. حضرت حُميدي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه پنهنجي ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ يمن تشريف وٺي ويا، جڏهن پاڻ واپس مڪي شريف آيا تہ سندن وٽ 10 هزار دِرهم (يعني چاندي جا سِڪا) هئا، جيئن تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه شهر کان ٻاهر ئي خيمہ لڳرايو، ماڻهو پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه وٽ ايندا رهيا، پاڻ انهن کي مال عطا ڪندا رهيا، جڏهن پاڻ خيمي کان ٻاهر نڪتا تہ سمورو مال (يعني 10 هزار چاندي جا سِڪا) راهِ خُدا ۾ ورهائي چڪا هئا.[1]

## مهر جي رَقم ادا ڪيائون

حضرت ربيع رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جڏهن منهنجو نِڪاح ٿيو تہ حضرت امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه مون کان پڇيو: حق مِهر ڪيترو طئي ڪيو هو؟ عرض ڪيم: 30 دِينار(سون جا سڪا). پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه ٻيهر پڇيو: ان مان ڪيترو ادا ڪيو آهي؟ مون عرض ڪيو: 6 دِينار. ايترو پڇڻ کان بعد امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه هليا ويا، بعد ۾ مون کي هڪ ٿيلهي موڪلي ڏنائون، جنهن ۾ پورا 24 دِينار هئا. يعني حق مِهر جي باقي رقم جيڪا حضرت ربيع رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي ذِمي لازِم هئي، انهن ڪين کان گهري بہ نہ هئي، امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه بنا گهرڻ جي ئي اها رقم عطا فرمائي ڇڏي.[2]

سُبۡحٰنَ اللّٰه! هي آهي سخاوت...! امام شافعي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه پاڻ پڇيائون تہ مِهر جي ڪيتري رقم اڃا ذِمي تي باقي آهي، پوءِ خبر پوڻ تہ رڳو خالي تسلي نہ ڏنائون بلڪ حضرت ربيع رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي بنا گهرڻ جي پاڻمرادو اها رقم عطا فرمائي ڇڏي. اللّٰه پاڪ اسان کي بہ سَخاوت جي توفيق نصيب فرمائي. ڪاش! اسان جي

---

1...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:51، صفحہ:401۔

2...شُعب الايمان، باب في الجود والسخاء، جلد:7، صفحہ:452، حديث:10962۔

دِل مان مال جي محبت نڪري وڃي، يقين ڪيو! اسان جي دِلين ۾ مال جي گهڻي حِرص آهي، ڪيسي مان رقم ڪڍندي دِل گهبرائيندي آهي، غريب کي ڏيڻ لاءِ وڏو نوٽ ڪڍڻ جي همّت ناهي ٿيندي، ڪاش! هي حِرص ختم ٿي وڃي، اسان راهِ خُدا ۾ ورهائڻ وارا بڻجي وڃون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ پنهنجي خزانن مان اسان کي گهڻو رزق عطا فرمائيندو. الله پاڪ ان جي توفيق بخشي.

آمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

تج ڈال مال و دَھن کو، کوڑی نہ رکھ کفن کو | جس نے دیا ہے تَن کو، دے گا وہی کفن کو

## مذاق ڪرڻ واري جي لاءِ دُعاءِ خير...!

هڪ ڀيري امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه درزي کان قميض سبرائي، اهو درزي امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي سڃاڻندو نه هو، سندن مقام ۽ مرتبي بابت به ان کي ڪا خبر نه هئي، تنهنڪري ان درزي ڄاڻي واڻي مذاق طور قميض جي هڪ آستين سوڙهي ڪري ڇڏي ۽ ٻي ايتري موڪري ناهي جو ان ۾ مٿو به داخِل ٿي وڃي. جڏهن امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ اها قميض پيش ڪئي وئي ته پاڻ ڏسي فرمايائون: الله پاڪ توکي جزاءِ خير عطا فرمائي! سوڙهي آستين وُضُو ۾ مٿي ڪرڻ جي لاءِ بهتر آهي ۽ موڪري آستين ۾ ڪتاب رکي سگهجي ٿو.

اڃا امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اها گفتگو فرمائي ئي رهيا هئا ته وقت جي خليفي جو هڪ قاصِد 10 هزار دِرهم کڻي سندن خِدمت ۾ حاضِر ٿيو، درزي به وٽن ئي موجود هو، امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قاصِد کي فرمايو: درزي کي سِلائي جي رقم ڏئي ڇڏيو!

هاڻي درزي کي حيرت ٿي ته هي ڪهڙي هستي آهي، جن جي لاءِ خليفي جو قاصِد رقم کڻي آيو آهي، درزي قاصِد کان جڏهن سندن بابت پڇيو ته ان ٻڌايو: هي حضرت امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آهن. ايترو ٻڌندي ئي درزي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضِر ٿيو، ان پير چُمي معافي گهري ۽ امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي

خِدمت ئي ۾ رهڻ لڳو.[1]

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان! امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا اَخلاق ڪيترا پيارا هئا، هن واقعي ۾ هڪ ڳالهه وڏي ڌيان طلب آهي، ڏسو! درزي قميض جي هڪ آستين سوڙهي ناهي ۽ هڪ آستين ڇاڻي تمام موڪري ڪيائين. درزي ته مذاق ڪيو هو پر امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مهارت صَد مرحبا! پاڻ انهيءَ مان سنو پهلو ڪڍي ورتو ۽ درزي کي دُعاءِ خير سان پڻ نوازيو.

اڄڪلهه اهڙو(رويو اختيار ڪرڻ) گهڻو مشڪل ڪم آهي، چڱا پهلو تلاش ڪرڻ ته رهيو پري، اسان وٽ ماڻهو چڱائي ۾ به بُرا پهلو ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اسان جا بزرگ سڳورا، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها ڪيترا عظيم هئا جو اهي بُري ڪمن ۾ به چڱائي جا پهلو ڳولهي وٺندا هئا.

## حضرت رابعه بصريه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي حڪايت

حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بصره ۾ هڪ شَخص کي زنا جي سزا ۾ سولي تي لٽڪايو ويو، حضرت رابعه بصريه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جيڪا ان جي پرسان لنگهي رهي هئي ته فرمايائون: هي اها زبان آهي جنهن سان تون ”لَا اِلٰہَ اِلَّا الله“ پڙهندو هُئين.[2]

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان! هڪ شخص جنهن کي گُناه ڪبيره جي سزا ۾ ڦاسي ڏني وئي هئي، حضرت رابعه بصريه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا ان جي بُرائي جو ذِڪر نه ڪيو بلڪ ان جي ذات ۾ چڱائي جو پهلو ڳولهي ان چڱائي جو ذِڪر ڪيو. ڪاش! اسان به مثبت سوچ اپنايون، سنو ڏسون، سنو ٻڌون، ۽ سنو ئي ڳالهائڻ جي عادت ٺاهيون جو بُري زبان بُري دِل جي عڪاسي ڪندي آهي.

عیبوں کو ڈھونڈتی ہے فقط عیب جُو کی نظر | جو خوش مزاج ہیں حُسن وکمال دیکھتے ہیں

---

[1]...حکایتیں اور نصیحتیں، صفحہ:398۔

[2]...طبقات الصوفية،ذكر النسوة المتعبدات الصوفيات، رابعة العدوية، صفحہ:389۔

## امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خاموش طبيعت هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! زبان جو احتياط حڪمت ۽ دانائي جي بنياد آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: توهان جنهن کي ڏسو ته ان کي خاموشي جي نعمت عطا ڪئي وئي آهي، ان جي صحبت اپنايو ڇوته اهڙي شخص کي حڪمت ڏني ويندي آهي.(1)

امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه به زبان جي احتياطن ۾ اعليٰ مهارت رکندا هئا، شايد اهو ئي سبب آهي جو الله پاڪ کين حڪمت ۽ دانائي جي نعمت عطا فرمائي هئي. هڪ ڀيري امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان ڪو مسئلو پڇيو ويو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خاموش رهيا، ڪو جواب نه ڏنائون. عرض ڪيو ويو: اوهان خاموشي ڇو اختيار فرمائي؟ جواب ڇو نه ڏنو؟ فرمايائون: مان هي سوچي رهيو هئس ته جواب ڏيڻ ۾ ڀلائي آهي يا خاموش رهڻ ۾.(2)

مَاشَآءَ الله! ڪيتري حڪمت ڀري ڳالهه آهي، امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي فرمان جو خُلاصو آهي: امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هن مبارڪ انداز مان 2 ڳالهيون معلوم ٿيون: 1: هڪ هي جو امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڳالهائڻ کان ڀهريان توريندا هئا 2: ٻيو هي ته امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڳالهائڻ ۾ فضل ۽ ثواب تي نگاهه رکندا هئا، جيڪڏهن ڳالهائڻ ۾ بهتري هوندي هئي، ثواب جي صُورت نڪرندي هئي ته گفتگو ڪندا هئا، نه ته ماٺ رهندا هئا.

## جنت جي ضمانت

ڪاش! اسان کي به ڳالهائڻ کان ڀهريان سوچڻ جي عادت نصيب ٿي وڃي، نه ته حالت تمام گهڻي نازُڪ آهي، اسان جي زبان جڏهن هلندي آهي ته هلندي ئي ويندي آهي، غيبت، چغلي، ڪوڙ، الزام تراشي ۽ خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا

1...ابن ماجہ ، کتاب الزہد، باب الزہد فی الدینا، صفحہ:667، حدیث:4101۔

2...احیاء علوم الدین، کتاب العلم ، جلد:1، صفحہ:40۔

گُناھ اسان عام گفتگو ۾ ڪري رھيا ھوندا آھيون ۽ اسان کي معلوم ناھي ھوندو، الله پاڪ اسان کي زبان جي حفاظت بابت فِڪر نصيب فرمائي.

اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو مون کي 2 ڏاڙن جي وچ واري شيء (يعني زبان) ۽ ٻن ٽنگن جي وچ واري شيء (يعني شرم گاھ) جي ضمانت ڏي، مان ان کي جنّت جي ضمانت ڏيان ٿو.[1]

حڪيم الاُمَّت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ھن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: مطلب ھي آھي تہ جيڪو پنھنجي زبان کي ڪوڙ، غيبت، ناجائِز ڳالھيون ڪرڻ کان بچائي، پاڻ کي بدڪاري جي قريب نہ وڃڻ ڏي (مالِڪ جنّت، قاسِمِ نعمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي جنّت جي ضمانت ڏني آھي.) مفتي صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: (جيڪو شخص پنھنجي زبان ۽ شرمگاھ جي حفاظت ڪري) ظاھري ڳالھ آھي تہ اھڙو مسلمان مؤمن متقي ھوندو. خيال رھي! تقريباً 80 سيڪڙو گُناھ زبان سان ٿيندا آھن.[2]

اي عاشقانِ رسول! اندازو ڪيو! زبان ڪيتري اھميت وارو عُضوو آھي جو جيڪو شخص زبان جي حِفَاظت ڪري، زبان کي گُناھن کان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ۽ ان سان گڏوگڏ زنا وغيره کان بچندو رھي، رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي جنّت جي ضمانت ڏني آھي.

## فُضُول گفتگو غُلام بڻائيندي آھي

امام شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنھنجي ساٿي حضرت ربيع رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي فرمايو: اي ربيع! فُضُول گفتگو نہ ڪجان، چوتہ جڏھن توھان ڳالھ ڪري وٺندؤ تہ اھا ڳالھ توھان تي حاڪم بڻجي ويھندي ۽ توھان ان جا غُلام بڻجي ويندؤ.[3]

## گفتگو ڪرڻ کان پھريان سوچي وٺو...!

[1]...بخاری، کتاب الرقاق، صفحہ:1591، حدیث:6474۔

[2]...مرآة المناجیح، جلد:6، صفحہ:447ملتقطاً۔

[3]...المستطرف فی کل فن مستطرف، باب الثالث عشر، جلد:1، صفحہ:82۔

هڪ ڀيري امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: جڏهن توهان کا ڳالهه ڪرڻ لڳو تہ پهريان ان تي غور ڪيو! جيڪڏهن توهان کي ڪو فائدو نظر اچي تہ ڳالهائي ونو ۽ جيڪڏهن توهان ٻُڌتر ۾ پئجي وجو (تہ ڳالهائڻ ۾ بهتري آهي يا نہ) تہ ماٺ رهو.(1)

مِری زُبان پہ قفلِ مدینہ لگ جائے | فُضُول گوئی سے بچتا رہوں سدا یارب!

## امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ جي صحابي سڳورن رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِمْ سان محبت

اي عاشقانِ رسول! امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ نهايت ئي پياري وَصف اها آهي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه صحابي سڳورن رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِمْ ۽ اَهلِ بيتِ اطهار سان گهڻي محبت ڪندا هئا، وقت بوقت صحابہ ڪرام رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِمْ ۽ اَهلِ بيتِ اطهار جون فضيلتون بيان ڪرڻ، جيڪو انهن سان بغض رکندو هجي، ان کان پري رهڻ، صحابہ ڪرام ۽ اَهلِ بيتِ اطهار جي معاملي ۾ حق کان هٽڻ واري کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ، ان کي سني انداز سان سمجهائڻ امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عادتن ۾ شامِل هو، هڪ ڀيري امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه صحابہ ڪرام رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِمْ جون فضيلتون بيان ڪندي فرمايو: صحابہ ڪرام رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِمْ اهي مبارڪ هستيون آهن جو انهن جي ساراهہ تمام جهانن جي رَبّ، الله پاڪ ڪئي آهي، صحابہ ڪرام رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِمْ اهي آهن جو قرآنِ ڪريم، تورات ۽ انجيل ۾ انهن جون منقبتون آهن، صحابہ ڪرام رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِمْ اهي آهن جو الله پاڪ جي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن جون فضيلتون بيان ڪيون آهن. صحابہ ڪرام رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِمْ وحي لهڻ جا شاهد (يعني گواهہ) آهن، صحابہ ڪرام رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِمْ ئي اسان تائين دين پهچايو آهي، بيشڪ صحابہ ڪرام رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِمْ اسان کان وڌيڪ عِلم وارا آهن، صحابي سڳورا رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِمْ هر عِلم ۾ اسان کان تمام

---

1...المستطرف فی کل فن مستطرف، باب الثالث عشر، جلد:1، صفحہ:81۔

گهڻو مٿي ۽ وڏي رتبي وارا آهن، صحابہ ڪرام رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِمْ جو اهو شان آهي جو هي سڀ جنهن ڳالهه تي متفق ٿي وڃن، اها ڳالهه دِين ۾ دليل بڻجي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن هڪ ٺي صحابي ڪا ڳالهه چئي تہ ان ڳالهه جي مخالفت ڪرڻ جي ڪنهن ۾ همّت نہ آهي، صِرف هڪ صحابي جو فرمان بہ اسان جي لاءِ دليل آهي.[1]

## امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اَهلِ بيت سان محبت

اهڙي طرح اَهلِ بيت رَضِيَ اللهُ عَنْهم سان محبت جو اظهار ڪندي امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

يَاآلَ بَيْتِ رَسُوْلِ اللهِ حُبُّكُمُ | فَرْضٌ مِّنَ اللهِ فِي الْقُرْآنِ اَنْزَلَهُ
يَكْفِيْكُمْ مِنْ عَظِيمِ الْفَخْرِ اَنَّكُمُ | مَنْ لَمْ يُصَلِّ عَلَيْكُمْ لَا صَلَاةَ لَهُ[2]

وضاحت: اي اهل بيتِ ڪرام! توهان جي محبت الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرض قرار ڏني آهي. توهان ڪي هي فخر ڪافي آهي تہ جڏهن توهان تي درود نہ پڙهيو وڃي، نماز مڪمل ناهي ٿيندي.

خيال رهي! امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نزديڪ نماز ۾ درود پڙهڻ فرض آهي جڏهن امام اعظم ابو حنيفہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نزديڪ نماز ۾ درود پڙهڻ فرض ناهي بلڪ سنت آهي. جيڪڏهن ڪو نماز ۾ دورد شريف نہ پڙهي تہ امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نزديڪ اُن جي نماز ٺي ڪانہ ٿيندي. جڏهن امام اعظم ابو حنيفہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نزديڪ نماز تہ ٿئي ويندي پر سنت جي رهجي وڃڻ سبب نماز ۾ ڪمي ايندي.

## امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون نصيحتون

حضرت عبد الله بن محمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان گڏ بغداد جي ڪنهن علائقي ۾ هئس، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ نوجوان ڪي ڏٺو، هُو چڱي طرح وُضُو نہ ڪري رهيو هو، امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان ڪي نيڪي جي

---

[1] ... مناقبِ امام شافعی للرازی، صفحہ:136۔

[2] ...ديوان امام شافعی، صفحہ:142۔

دعوت ڏيندي فرمايو: اي نوجوان! پنهنجو وُضُو نيڪ ڪيو، الله پاڪ دُنيا ۽ آخرت ۾ توتي احسان فرمائيندو. امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هي چئي اڳتي هليا ويا، ان نوجوان عِلْم جي ڳالهه ٻُڌي ته وُضُو مڪمل ڪري امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پويان پويان حاضِر ٿي ويو، امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان کان پڇيو: ڇا ڪو ڪم آهي؟ نوجوان عرض ڪيو: جي ها! مون کي بہ عِلم سيکاريو. امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: ٻڌو! جنهن الله پاڪ جي معرفت حاصِل ڪئي، ان نجات ماڻي ورتي، جنهن پنهنجي دِين جي معاملي ۾ خوف ڪيو، هُو تباهي کان بچي ويو، جنهن دُنيا ۾ زُهد اختيار ڪيو، ڪالهه قيامت جي ڏينهن جڏهن هُو الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضِر ٿيندو تہ ان جون اکيون ٿڌيون ٿينديون، امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمايو: جنهن شخص ۾ ٽي خوبيون گڏ ٿي وجن، ان جو ايمان مڪمل ٿي ويندو آهي: 1: جيڪو نيڪي جو حڪم ڏي ۽ پاڻ بہ ان تي عمل ڪري 2: جيڪو بُرائي کان منع ڪري ۽ پاڻ بہ ان کان پاسو ڪري 3: جيڪو حُدُودِ اِلٰهي جي حِفَاظت ڪري.

پوءِ فرمايائون: دُنيا کان بي رغبت ۽ آخرت جو شوق رکڻ وارا ٿي وڃو! پنهنجي هر ڪم ۾ الله پاڪ سان سچ جو معاملو ڪيو! جيڪڏهن ايئن ڪندؤ تہ نجات ماڻڻ وارن مان ٿي ويندؤ.[1]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اهي ڪيتريون پياريون، سٺيون ۽ سبق آموز نصيحتون آهن، الله پاڪ اسان کي هنن نصيحتن تي عَمَل پيرا ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

هن ايمان افروز واقعي مان سيرتِ امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هي پهلو نمايان ٿئي ٿو تہ امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نيڪي جي دعوت ڏيڻ جا گهڻا حرِيص هئا، ڏسو! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ شخص کي وُضُو ۾ غلطي ڪندي ڏٺو، پاڻ باقاعده ان کي سيکارڻ جي لاءِ نہ آيا هئا، صِرف اتان کان لنگهي رهيا هئا، پوءِ بہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان

---

[1]...احياء علوم الدين، كتاب العلم، جلد:1، صفحه:41۔

شخص کي دُرُست طريقي سان وُضُو ڪرڻ جي ترغيب ڏياري، خبر پئي: جيڪو مبلغ هوندو آهي، اهو هر هنڌ، هر حال ۾ مبلغ ئي هوندو آهي، نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ هي ضروري ناهي تہ اسان علائقائي دوري ئي ۾ نيڪي جي دعوت ڏينداسين، جڏهن مدني قافلي ۾ سَفر ٿيندو، تڏهن ئي نيڪي جي دعوت ڏيٺي آهي بلڪ اسان کي گهرجي تہ جڏهن، جتي، جنهن حال ۾ بُرائي ڏسون، حڪمتِ عملي سان، حُسْنِ اَخْلاق جو مُظَاهرو ڪندي، نرمي سان نيڪي جي دعوت ڏيون ۽ بُرائي کان منع ڪيون. ڏسو! امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيتري پياري نصيحت فرمائي تہ جيڪو ٻانهو پاڻ نيڪي ڪري ۽ ٻين کي نيڪي جي دعوت ڏي، پاڻ گُنَاهن کان بچي ۽ ٻين کي بچڻ جو حڪم ڏي ۽ جيڪو ٻانهو الله پاڪ جي حُدُود، ان جي احڪام جي حِفَاظت ڪري ان ٻانهي جو ايمان ڪامِل ٿي ويندو.

سبحن الله! نيڪي جي دعوت ڏيڻ سان ايمان ڪامل ٿي ويندو آهي. ڪاش! اسان بہ نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارا بڻجي وڃون. هر مسلمان مبلغ آهي، هر هڪ کي گهرجي تہ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائي والدين پنهنجي ٻارن کي سمجهائين. استاد شاگردن کي نيڪي جي دعوت ڏئي. پاءُ پنهنجي پائرن کي. ڏاڏو پنهنجي پوٽن کي. نانو پنهنجي ڏوهٽن کي. مڙس پنهنجي گهر واريءَ کي. پاڙيسري پنهنجي پاڙيسرن کي. شهر وارن کي نيڪي جي دعوت ڏئي، ڪاش هر طرف نيڪي جي دعوت جون ڌومون متل هجن.

ڪرم سے نيکی کی دعوت کا خوب جذبہ دے | دُوں دُھوم سُنّتِ محبوب کی مچا یارَبّ!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علائقائي دورو

اي عاشقان رسول! نيڪ نمازي بڻجڻ، صحابہ و اَهلِ بيت رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جي محبت دِل ۾ وڌائڻ، نيڪ نمازي بڻجڻ ۽ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ

جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ بہ خُوب وڌي حِصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! دين ۽ دُنيا جون بيشُمار ڀلائيون نصيب ٿينديون، ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علاقائي دورو بہ آهي.

## غير مسلم مسلمان ٿي ويو

پنجاب جي هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي جو بيان آهي، هڪ ڏينهن اسان وٽ ڪراچي مان مَدَني قافلو آيو، مدني قافلي وارن سان گڏجي مون ڪي بہ علاقائي دوري ۾ شِرڪت جو شَرف مليو، اسان هڪ درزي جي دُڪان جي ٻاهر ماڻهن کي گڏ ڪري نيڪي جي دعوت ڏئي رهيا هئاسين، جڏهن بيان ختم ٿيو تہ انهيءَ دڪان جي هڪ مُلازِم نوجوان چيو: مان غير مسلم آهيان. اوهان جي نيڪي جي دعوت منهنجي دل تي گهرو اثر ڪيو آهي، مهرباني فرمائي مون کي اسلام ۾ داخِل ڪريو. پوءِ الحمد للّٰہ! اهو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو.

مقبول جہاں بھر میں، ہو دعوت اسلامی | صدقہ تجھے اے رَبِّ غفّار! مدینے کا

## دارالافتاء اهلسنت ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدللّٰہ! دعوت اسلامي علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي. دعوتِ اسلامي جي آئي. ٽي ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپليڪيشن جاري آهي، جنهن جو نالو آهي: ***Darul Ifta Ahlesunnat*** (دارالافتاء اهلسنت) هن ايپليڪيشن ۾ مختلف موضوعات تي فتوائون آڊيو ويڊيو ۽ ٽيڪسٽ جي صورت ۾ موجود آهي. اوهان بہ هي ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪيو! پاڻ بہ فائدو وٺو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: مَنۡ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدۡ اَحَبَّنِی وَمَنۡ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الۡجَنَّۃِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## سلام ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ مُصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: اَلسَّلَامُ قَبۡلَ الۡکَلَامِ: سلام ڳالهه ٻولهه کان پهريان آهي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! ❖ مسلمان سان ملاقات ڪرڻ وقت ان کي سلام ڪرڻ سنّت آهي ❖ سلام ڪرڻ وقت دل ۾ اها نيّت هجي تہ جنهن کي سلام ڪري رهيو آهيان ان جو مال ۽ عزت، آبرو سڀ ڪجھ منهنجي حفاظت ۾ آهن ۽ مان انهن مان ڪنهن شيء ۾ دخل اندازي ڪرڻ حرام سمجهان ٿو ❖ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ملاقات ٿئي، هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ بار بار اچ وڃ ٿئي، اتي موجود مسلمانن کي سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ❖ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ سنّت آهي ❖ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو اللّٰه پاڪ جو مُقرّب آهي ❖ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بہ بَري آهي جيئن نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايائون: سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بَري آهي ❖ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ واري تي 90 رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿينديون آهن. ❖ اَلسَّلَامُ عَلَيۡکُمۡ چوڻ سان 10 نيڪيون ملن ٿيون، گڏوگڏ وَرَحۡمَةُ الله بہ چوندا تہ 20

---

[1]… مشکوٰة،کتابُ:الۡاِيمان،بابُ:الۡاِعۡتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175۔

[2]…ترمذی، کتاب:الاستئذان، باب:ماجاء فی السلام قبل الکلام، صفحه:635، حديث:2699۔

نيڪيون تي ويندين ۽ وَبَرَکَاتُهٗ شامل ڪندؤ تہ 30 نيڪيون تي ويندين ❖ سلام جو جواب فوراً ۽ ايتري آواز سان ڏيڻ واجِب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي ❖ سَلام ۽ سلام جي جَواب جو دُرُست تَلَفُّظ ياد ڪريو. پهريان مان چوان ٿو اوهان ٻڌي دهرايو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ (اَسْ۔سَلَا۔مُ۔عَلَيْ۔كُمْ) هاڻي پَهريان مان جَواب ٻڌايان ٿو پوءِ اوهان ان کي دهرايو: وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ (وَ۔عَ۔لَيْ۔كُ۔مُسْ۔سَلَام).[1]

رضائے حق کیلئے تم سلام عام کرو | سلامتی کے طلب گارہو سلام کرو

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ”بهارِ شريعت“ جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

چاہو گر برکتیں قافلے میں چلو | پاؤ گے عظمتیں قافلے میں چلو
الفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

---

[1]...550سنتیں اور آداب، صفحہ:30-32۔